سلسلہ هدية الحرمين جو 6 ڪتاب

# سونَ وَرنيون سِنتُون

## بيت الله جي چانئٺ ڪان




بقلم

پير طريقت رهبر شريعت

حضرت پير مُحَمَد ڪَرمُ الله قادري نقشبندي

(دِلبَر سَائين)

سجاده نشين درگاه فضل آباد شريف ماتلي ضلع بدين

بسم الله الرحمن الرحيم

# سون ورنيون سِٽُون

(بيت الله جي چانوَ کان)

سلسله هدية الحرمين جو

ڇهون ڪتاب

بقلم

حضرت پير دلبر سائين

ناشر جامع مدينة العلم ملير ڪراچي

ڇاپو: پهريون. تعداد: يارهن سو . تاريخ: رمضان المبارڪ 1433 هه

تخريج الاحاديث: صاحبزاده شاه رڪنِ عالم عرف ساجن سائين

www.peerdilbar.com

الله جي نالي سان جو وڏو مهربان نهايت ٻاجهارو آهي.

سڀ تعريفون الله لاءِ آهن جيڪو جهانن جو پالڻهار آهي. اُهو اڪيلو آهي ان جو نـ ڪو ثاني آهي نـ شريڪ. نـ ڪنهن کي ڄڻيائين نـ ڪنهن مان ڄائو. اهو پيدا ڪندڙ، اپائيندڙ، نپائيندڙ آهي.

آءٌ شاهدي ٿو ڏيان تـ الله هڪ آهي. ان جو ڪو بـ شريڪ نـ آهي ۽ محمد مصطفيٰ ﷺ ان جو رسول آهي جيڪو سڀ جهانن لاءِ رحمت آهي. اهو سڀ نبين جي پڇاڙي وارو آهي. ان کان پوءِ:

هي فقير پُر تقصير ناچيز ڪرم الله عرضگذار آهي تـ هن مسڪين مٿان مالڪ ڪريم جا ٿورن مٿان ٿورا آهن جن جي نـ حد آهي نـ شمار. هي بـ سندس ڪرم آهي جو هن سال ماه ربيع الثاني 1432هـ ۾ حرمين شريفين جي حاضري جي سعادت نصيب ٿي. امام الانبياء جي بارگاهـ بيڪس پناهـ ۾ حاضري ٿي. روبرو سلام ڪرڻ جو سعيد موقعو مالڪ ڪريم مهيا ڪيو. ان کان پوءِ عمري جي سعادت لاءِ مڪـ مڪرمـ آيس. عمرو ادا ڪرڻ بعد هن فرصت جي گهڙين کي غنيمت سمجهندي ڪعبي جي ديدار ۾ مصروف آهيان. اڄ اڱارو 17 ربيع الثاني 1432هـ عصر نماز ادا ڪرڻ بعد ڪعبة الله جي ڇانوَ ۾ ويٺو آهيان. اڳيان طواف ڪندڙن ۽ عمرو ڪندڙن جو انبوه آهي. عربي عجمي، هندي سنڌي هرڪو الله جي گهر جو طواف ڪرڻ ۽ دعائن گهرڻ ۾ مصروف آهي. اڄ هتي دل چاهيو تـ پنهنجي دوستن مُحبن لاءِ ڪو نصيحت نامو لکان. اها بـ هڪ سنت آهي جو منهنجي پياري حبيب ڪريم ﷺ جن بـ ڪعبي جي ڇانوَ ۾ ويهي پنهنجي پيارن کي نصيحت ڪئي هئي.

**ڪعبي جي ڇانوَ:** سيدنا خباب بن الارت رضي الله عنه چيو تہ: هڪ ڏينهن حبيب ڪريم ﷺ ڪعبي جي ڇانوَ ۾ پنهنجي چادر مبارڪ جي ٽيڪ سان ويٺا هئا تہ اسان سندن خدمت ۾ دانهن ڏني تہ اسان لاءِ ڇو نہ ٿا مدد طلب ڪيو اسان لاءِ الله کان ڇو نہ ٿا دعا گھرو! ان تي پاڻ فرمايائون:

كَانَ الرَّجُلُ فِيمَنْ قَبْلَكُمْ يُحْفَرُ لَهُ فِي الْأَرْضِ فَيُجْعَلُ فِيهِ فَيُجَاءُ بِالْمِنْشَارِ فَيُوضَعُ عَلَى رَأْسِهِ فَيُشَقُّ بِاثْنَتَيْنِ وَمَا يَصُدُّهُ ذَلِكَ عَنْ دِينِهِ وَيُمْشَطُ بِأَمْشَاطِ الْحَدِيدِ مَا دُونَ لَحْمِهِ مِنْ عَظْمٍ أَوْ عَصَبٍ وَمَا يَصُدُّهُ ذَلِكَ عَنْ دِينِهِ وَاللَّهِ لَيُتِمَّنَّ هَذَا الْأَمْرُ حَتَّى يَسِيرَ الرَّاكِبُ مِنْ صَنْعَاءَ إِلَى حَضْرَمَوْتَ لَا يَخَافُ إِلَّا اللَّهَ أَوْ الذِّئْبَ عَلَى غَنَمِهِ وَلَكِنَّكُمْ تَسْتَعْجِلُونَ.[1]

اوهان کان اڳين قومن ۾ ڪو مرد هوندو هيو جنهن کي زمين ۾ کڏ کٽي پوري ڇڏيو ويندو هيو پوءِ ڪرت کڻي ان جي مٿي تي هلايو ويندو هيو تہ ان جو جسم ٻہ ٽڪرا ٿي پوندو هيو پر اها اذيت بہ ان کي پنهنجي دين کان هٽائي نہ سگھندي هئي ۽ ڪنهن کي لوهہ جي ڏندن سان ان جي جسم جو ماس هڏن تان روڙيو ويندو هيو پر، اهو ان کي سندس دين کان نہ هٽائيندو هيو. الله جو قسم هي (منهنجي هن دين جو) ڪم ضرور پورو ٿي رهندو ايستائين جو ڪو سوار صنعاءَ کان حضرموت تائين سفر ڪندو تہ ان کي الله پاڪ کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ جو ڊپ نہ هوندو يا ڌڻ تي بگھڙ جو پر اوهان جلد بازي ٿا ڪيو.

---

[1] صحيح البخاري (ج 11 / ص444) سنن أبي داود (ج 7 / ص243) سنن النسائي (8 /204) معجم ابن عساكر (2 /616) المسند الجامع (5 /320) :

**ٻي حديث:**

ابو رمثہ رضي الله عنه چيو تہ مان پنهنجي پيءُ سان گڏجي رسول الله ﷺ وٽ آيس:

فَوَجَدْنَاهُ جَالِسًا فِي ظِلِّ الْكَعْبَةِ وَعَلَيْهِ بُرْدَانِ أَخْضَرَانِ.[1]

اسان کين ڪعبي جي ڇانوَ ۾ ويٺل لڌو ۽ کين بہ سائي رنگ جون چادرون پاتل هيون. هن حديث مان حبيب ڪريم ﷺ جو ڪعبي جي ڇانوَ ۾ ويهڻ ۽ سايون چادرون زيب تن ڪرڻ ثابت ٿيو.

سو آءٌ بہ هِن ڪتاب جو آغاز ڪعبة الله جي مبارڪ ۽ متبرڪ ڇانوَ کان ڪري رهيو آهيان. الله ڪريم شال منهنجي لفظن کي پنهنجي بارگاهہ ۾ شرفِ قبوليت بخشي ۽ هر پڙهڻ واري کي عمل جي سعادت نصيب فرمائي. هن مبارڪ مڪان تي مون پنهنجي هر حبدار لاءِ مريد ۽ معتقد لاءِ ۽ حضور جي هر امتي لاءِ دعا گهُري آهي.

هن لکت ۾ اگر ڪا خوبي آهي تہ منهنجي مالڪ جو فضل آهي. اگر ڪا خامي يا غلطي آهي تہ منهنجي نفس جي شامت آهي. الله ڪريم منهنجي حال تي رحم ۽ ڪرم فرمائي. سڀني پڙهڻ وارن کي عرض ڪيان ٿو تہ اُهي مون لاءِ دعا گهرن. منهنجي وفات کان پوءِ مون کي هڪ ڀيرو سورة فاتحہ پڙهي دعا سان نوازن.

محمد ڪرم الله انصاري

بيت الله الحرام مكة المكرمة

---

[1] مسند أحمد (29/40) مسند شاميين: رقم الحديث 17494

## عاقل ۽ احمق؟

عاقل دولت ڏئي صحت ۽ عزت حاصل ڪندو آهي. احمق صحت ۽ عزت عيوض دولت حاصل ڪندو آهي.

## رُسڻ پرچڻ

رُسڻ ۽ پرچڻ، زندگي جو حصو آهن. جو پرچڻ نہ ٿو ڄاڻي اهو رسڻ ڇڏي ڏئي.

## سمهڻ ۽ جاڳڻ

گھڻي ننڊ عمر ڪُٽائي ٿي، گھڻو جاڳڻ صحت وڃائي ٿو.

## بيوقوف

بيوقوف اُهو آهي جو جاڳڻ جي وقت ننڊ ڪري ۽ سمهڻ جي وقت جاڳندو رهي.

## حاجتون

زندگي حاجتن جي ڀرِي آهي. پوءِ عاقل اُهو آهي جيڪو سَهندِي سارُو بارُ ڪٽي.

## زال ۽ مڙس

گھر هڪ گاڏي آهي زال مڙس ان جا ٻہ ڦيٿا آهن. انهن جي هلڻ سان گھر هلي ٿو. انهن ٻنهي ۾ برابري هجڻ ضروري آهي.

## دوست ۽ دلداري

دوست گھڻا هوندا آهن پر غم جي گھڙين ۾ دلداري ڏيڻ وارو ڪو ڪو هوندو آهي. گوندر جي گھڙين ۾ دلي دوست جا ٻہ ٻول غم هلڪو ڪري ڇڏيندا آهن.

## گھر ڀاتي

اگر گھر جي ڀاتين مان تو کي راحت نہ ٿي ملي تہ تون انهن کي راحت رسائيندو رهہ ورنہ زندگي غمن ۾ گھيرجي ويندئي.

## مال ۽ مايا

حلال مال هٿ ڪيو. مال مٿان بخيل نہ ٿيو. وارثن لاءِ جمع ڪرڻ بجاءِ پنهنجي آخرت جو ذخيرو بنايو. خيرات جي ذريعي.

## سياڻي جو غم

سياڻي جي غم ۾ اڄ جو مزو نہ ڦِٽايو. دنيا جي خاطر دين برباد نہ ڪيو.

## مصيبت گهٽائڻ جا گُر

اگر ڪو غم مٿان اچي پيو آهي تہ انکي گهٽائڻ لاءِ هي ڳالهيون سوچيو

1. جو ڪجهہ ٿيو آهي رب جي تقدير ائين هئي.
2. رڻ واڪي سان مصيبت گهٽبي ڪونہ.
3. اوهان تي جا مصيبت آئي آهي اها ننڍي آهي ان ڪان جيڪا اچا پوئتي آهي.
4. جو ڪجهہ اوهان ڪان ويو آهي ان ڪان وڏيڪ اچا اوهان وٽ موجود آهي.
5. هر ڪم ۾ رب جي حڪمت آهي، سا جي معلوم ٿي وڃي تہ مصيبت بہ نعمت لڳي.
6. مؤمن مٿان آيل هر مصيبت جو ان لاءِ اجر ۽ ثواب آهي يا گناهن جو ڪفارو آهي يا اچان ڪنهن وڏي مصيبت جو بدل آهي ۽ جيڪو ڪجهہ الله وٽ آهي سو پيلو ۽ بقادار آهي. [1]

## دوست:

ميمون بن مهران چيو تہ : اهو دوست جنهن جي زندگي توکي نفعو نہ ڏنو تہ ان جو موت تو کي ڪو نقصان ڪونہ رسائيندو.

---

[1] هڪذا علمني الحياة الدكتور مصطفى السباعي، ص: 251

## سعادت

ماڻهو جي سعادت ان ۾ آهي جو نيڪي ڪري ۽ قدردان سان.[1]

## زاهد ڪير؟

هڪ زاهد کان پڇيو ويو ته دنيا ۾ زاهد ڪير آهي؟ چيائين:

لَا يَطْلُبُ الْمَفْقُودَ حَتَّى يَفْقِدَ الْمَوْجُودَ.[2]

وڃايل شيءِ جي ڳولا ۾ موجوده شيءِ وڃائي نه ويهي.

## گرهڻ:

وفي السّماء نجومٌ مالها عددٌ.. وليس يكسف إلا الشّمس والقمر[3]

آسمان ۾ ستارا ته بيشمار آهن پر گرهڻ صرف سج ۽ چنڊ کي لڳندو آهي.

ان طرح ماڻهو ته دنيا ۾ لاتعداد آهن پر تڪليفون ۽ آزمائشون مردن مٿان ئي ايندڙيون آهن.

## حڪماءَ جو قول:

عقل جهڙي شاهوڪاري ناهي، جهالت جهڙي محتاجي ڪانهي.

ادب جهڙي ميراث ڪانهي، مشوري جهڙو مددگار ڪونهي.

## احتياط

من حذّرك كمن بشّرك.[4]

---

[1] نثر الدر في المحاضرات (4/110) المجالسة وجواهر العلم)

[2] أدب الدنيا والدين (ص: 116) مجمع الأمثال (2/457)

[3] التمثيل والمحاضرة (ص: 227) زهر الآداب وثمر الألباب (1/314) زهر الأكم في الأمثال والحكم (3/100)

[4] التذكرة الحمدونية (1/251) سراج الملوك (ص: 203) أنوار الربيع في أنواع البديع (ص: 96)

جنھن توکي احتياط ڏياريو ان ڄڻڪ توکي خوشخبري ڏني.

## صبر

صبر ٻن قسمن جو آھي ڏکين ڳالھين تي، ٻيو پيارين شين کان.

## گھٽو گوشت کائڻ:

لا تجعلوا قلوبكم التي هي منابر الملائكة قبورا للحيوانات الهالكة.[1]

اوھان جون دليون جيڪي ملائڪن جو منبر آھن جانورن جو گوشت کائي انھن جون قبرون نہ بنايو.

## مولا علي جو قول:

أغنى الغنى العقل، وأكبر الفقر الحمق.[2]

سڀ کان وڏي شاھوڪاري عقل ۽ سڀ کان وڏي محتاجي بيوقوفي آھي.

## خاموشي

الصَّمْتُ زَيْنُ الْعَالِمِ، وَسِتْرُ الْجَاهِلِ.[3]

خاموشي عالم جو سينگار آھي ۽ جاھل لاءِ (عيبن مٿان) پردو آھي

## پائر چيلھہ جا سندرا

لقمان حڪيم رحمة الله عليه ھڪ ڀيري سفر مان موٽيو تہ واٽ تي ھڪ شخص مليس. ان کان پڇيائين منھنجو بابو ڪيئن آھي؟ چيائين مري ويو. چيائين پنھنجو بار

---

[1] الكشكول (281/2)

[2] تاريخ دمشق لابن عساكر (561/42) مختصر تاريخ دمشق (93/18) تاريخ الخلفاء (ص: 141) لباب الآداب لأسامة بن منقذ (11/1) أرشيف ملتقى أهل الحديث 3 (91/75):

[3] معجم ابن المقرئ (ص: 327) حلية الأولياء وطبقات الأصفياء (82/7) الرسائل للجاحظ (340/1)

پنهنجي مٽان اڇي ويو. ڀلا امان ڪيئن آهي؟ چيائين اها بہ مري وئي. چيائين جيڪا خدمت واجب هئي سا لهي پئي. ڀلا منهنجي ادي؟ چيائين اها بہ مري وئي. چيائين منهنجو پردو ڍڪي وئي. ڀلا منهنجي زال؟ چيائين مري وئي. چيائين بستر نئون ڪندس. ڀلا منهنجو ڀاءُ؟ چيائين مري ويو. چيائين هاءِ الله منهنجي چيلهہ ڀڃي پئي.[1]

## سهڻا اخلاق

حُسْنُ الْخُلُقِ وَحُسْنُ الْجُوَارِ يُعَمِّرَانِ الدِّيَارَ وَيَزِيدَانِ فِي الْأَعْمَارِ.[2]

سهڻا اخلاق ۽ سهڻو پاڙو جهان جوڙن ٿا ۽ عمريون وڌائن ٿا.

## قلت ذلت آهي

القلة ذلة والوحدة وحشة والهوى هوان والاقارب عقارب، من عذب لسانه كثرت اخوانه.[3]

قِلت (شين جو اڻ پورو هجڻ) ذِلت (خواري) آهي، وحدت (اڪيلائي) وحشت آهي، سڌون خواري آهن. مائٽ وِڇُن مثل آهن، جنهن جي زبان وٽندڙ هوندي ان جا ڀائر گهڻا ٿي ويندا.

## ڀلو ڪلام؟

ڀلو ڪلام اُهو آهي جيڪو ”يعني معنيٰ ۽ مگر“ جو محتاج نہ هجي.

---

[1] نهج الحكم والامثال حسن مغنية ص: 64

[2] رواه أحمد ، أدب الدنيا والدين (ص: 243) سوء الخلق (ص: 85) عيون الأخبار (3/28)

[3] يتيمة الدهر (4/232) نهاية الأرب في فنون الأدب (2/56)

## حڪمت ۽ ادب

ان غنيمت حاصل ڪئي جنهن حڪمت حاصل ڪئي.
حڪمت ادب سيکاري ٿي ۽ تجربو حڪمت سيکاري ٿو.

## ننڍپڻ ۽ علم

احنف بن قيس هڪ ماڻهو کان ٻڌو چئي رهيو هيو:

ننڍپڻ ۾ علم سکڻ ائين آهي جيئن پٿر تي ليڪو.

احنف فرمايو: وڏپڻ ۾ عقل گهڻو هوندو آهي پر دل مشغول هوندي آهي.

## غم ۽ حواس

غم حواسن کي قيد ڪري ڇڏن ٿا.[1]

## حصولِ علم ۾ تڪليف

امام شافعي ﷺ فرمايو:

و مَن لم يذُ ق مُرَّ التعلُمِ سَاعة. - تَجرَّعَ ذلَّ الجَهلِ طولَ حيَاتِهِ
و مَن فاتَهُ التعليم وَقتَ شَبابِهِ. فَكَبّر عليهِ أربعاً لِو فَاتِهِ.[2]

جيڪو ڪا گهڙي حصولِ علم جي تڪليف سهي نہ ٿو سگهي اهو ساري عمر ذلت جي تڪليف سهندو رهي ٿو. جنهن کان جواني ۾ علم حاصل ڪرڻ رهجي ويو، ان مٿان جنازي نماز جون چار تڪبيرون پڙهي ڇڏ.

---

[1] منثور الحڪم

[2] ديوان الامام الشافعي قافيةُ التاء ص37 دارالمعرفة بيروت لبنان

## قبر تائين علم

امام احمد بن حنبل رضي الله عنه فرمايو تہ :

إِنَّمَا اطلب الْعلم الى ان ادخل الْقَبْر .[1]

مان قبر ۾ داخل ٿيڻ تائين علم حاصل ڪندو رهندس.

## عالم ڪير؟

سعيد بن جبير رضي الله عنه فرمايو تہ:

لَا يَزَالُ الرَّجُلُ عَالِمًا مَا تَعَلَّمَ , فَإِذَا تَرَكَ الْعِلْمَ وَظَنَّ أَنَّهُ قَدِ اسْتَغْنَى وَا كْتَفَى بِمَا عِنْدَهُ كَانَ أَجْهَلَ مَا يَكُونُ .[2]

ماڻهو عالم تيستائين آهي جيستائين علم حاصل ڪندو رهي، پر جڏهن علم حاصل ڪرڻ بند ڪري ۽ علم حاصل ڪرڻ جو پاڻ کي ضرورتمند نہ سمجهي ۽ پاڻ وٽ موجود علم تي اڪتفا ڪري تہ اهو وڏو جاهل آهي.

## علم ۽ حڪمت

حضرت سيدنا سلمان فارسي رضي الله عنه فرمايو :

اها حڪمت جنهن تي ڪلام نہ ڪيو وڃي سا جسم بنا روح وانگر آهي ۽ اُهو علم جنهن کي ظاهر نہ ڪيو وڃي سو ان ڪاڻ وانگر آهي جنهن مان خرچ نہ ڪيو وڃي.

---

[1] مفتاح دار السعادة ومنشور ولاية العلم والإرادة (1 /74) أرشيف ملتقى أهل الحديث-5 (483/7/7)

[2] الفقيه والمتفقه للخطيب البغدادي (2 /337) غمز عيون البصائر في شرح الأشباه والنظائر (4 /304) المجموع شرح المهذب (1 /29) (تذكرة السامع والمتكلم لابن جماعة ص:183)

## عالم جو مثال

عالم جو مثال ان ماڻهو وانگر آهي جيڪو اونداهي رستي تي چراغ روشن ڪيو بيٺو هجي جنهن مان هر ايندڙ ويندڙ راهه ڏسي ۽ هرڪو ڪيس دعائون ڏيندو وجي.[1]

## عالم جو شان

عالم ۽ جاهل پاڻ ۾ برابر ٿي نه ٿا سگهن. الله فرمايو ته:

قُلْ هَلْ يَسْتَوِي الَّذِينَ يَعْلَمُونَ وَالَّذِينَ لَا يَعْلَمُونَ [الزمر: 9]

اي حبيب تون فرماءِ ته ڇا جيڪي ماڻهو علم رکن ٿا ۽ جيڪي ماڻهو علم نه ٿا رکن (سڀ) برابر ٿي سگهن ٿا؟

## علم ۽ ادب

علم سان گڏ ادب ائين ضروري آهي جيئن ماني سان گڏ پاڻي. جنهن کي علم ۽ حلم، ادب ۽ حسب مليو ان کي دنيا جي بادشاهي ملي وئي. ادب اڪرم ۽ انفَس جوهر آهي جيڪو ادنيٰ کي اعليٰ بنائي ٿو.

## ڪتاب جون خوبيون

ڪتاب نافع به آهي ناصح به آهي. رفيق به آهي جليس به آهي. ڀلو انيس به آهي. واندڪائي جي ورونهن به آهي. بهترين سفر جو ساٿي به آهي. طبيعتن کي مَتائيندڙ به آهي. ڪتاب نفعو ڏئي ٿو ڪجهه گُهري ڪونه ٿو. وڏائي ٿو گهٽائي ڪونه ٿو. زبانن کي مواد مهيا ڪري ٿو، قلمن کي مال مهيا ڪري ٿو.

---

[1] سنن دارمي

## ڪتابن لکڻ وارو ماڻهن جي زبانن ۾

عمرو بن العلاء رحمة الله عليه چيو تہ:

الْإِنْسَانُ فِي فُسْحَةٍ مِنْ عَقْلِهِ وَفِي سَلَامَةٍ مِنْ أَفْوَاهِ النَّاسِ مَا لَمْ يَضَعْ كِتَابًا أَوْ يَقُلْ شِعْرًا.[1]

انسان پنهنجي عقل ڪشادگي ۽ ماڻهن جي واتن کان ايستائين آجو هوندو آهي جيستائين ڪو ڪتاب لکي يا ڪو شعر چوي. (پر جڏهن ڪو ڪتاب لکيائين يا شعر چيائين تہ ماڻهن جي زبانن کان بچي نہ سگهندو)

## ڪتابن لکڻ واري جا حاسد ضرور هوندا

عتابي رحمة الله عليه چيو تہ:

مَنْ صَنَعَ كِتَابًا فَقَدِ اسْتَشْرَفَ لِلْمَدْحِ وَالذَّمِّ، فَإِنْ أَحْسَنَ فَقَدِ اسْتُهْدِفَ لِلْحَسَدِ وَالْغِيبَةِ، وَإِنْ أَسَاءَ فَقَدْ تَعَرَّضَ لِلشَّتْمِ وَاسْتُقْذِفَ بِكُلِّ لِسَانٍ.[2]

جنهن بہ ڪتاب لکيو تہ ان پنهنجو پاڻ کي تعريف يا گلا لاءِ پيش ڪيو. جيڪڏهن سٺو لکيائين تہ حسد ۽ گلا جي نشاني تي هوندو ۽ جيڪڏهن غلط لکيائين تہ پاڻ کي گارين ۽ هر زبان جي برائي لاءِ پيش ڪيائين.

---

[1] الجامع لأخلاق الراوي وآداب السامع للخطيب البغدادي (2/283) الطيوريات (2/582) شرح الشفا (2/455) أبجد العلوم (ص: 110)

[2] الجامع لأخلاق الراوي وآداب السامع للخطيب البغدادي (2/283) أرشيف ملتقى أهل الحديث 3 (89/334) الطيوريات (2/583)

## مرڻ بعد عقل جو پتو پوي ٿو

هلال بن العلاء چيو ته:

يُسْتَدَلُّ عَلَى عَقْلِ الرَّجُلِ بَعْدَ مَوْتِهِ بِكُتُبٍ صَنَّفَهَا وَشِعْرٍ قَالَهُ وَكِتَابٍ أَنْشَأَهُ.[1]

ماڻهو جي مرڻ بعد ان جي عقل جو پتو ان جي تصنيف ٿيل ڪتاب يا ان جي چيل شعر يا ان جي لکت مان پوي ٿو.

## زال جي تعريف ڪرڻ

اگر ڪنهن جي زال هم خيال خوش خصال آهي ته ان جي واکاڻ ڪرڻ ڪو عيب نه آهي. قاضي شُريح جيڪو جليل القدر تابعي هيو پنهنجي زال بابت شعر چيائين:

رَأَيْت رِجَالًا يَضْرِبُونَ نِسَاءَهُمْ ... فَشُلَّتْ يَمِينِي يَوْمَ أَضْرِبُ زَيْنَبَا
وَزَيْنَب شمس وَالنِّسَاء كوا كب .. إِذا طلعت لم تبْق مِنْهُنَّ كوكبا[2] مون ڏٺو آهي ته ماڻهو پنهنجي زالن کي مار ڪُٽ ڪندا آهن، منهنجو هٿ سُڪي پوي جنهن ڏينهن مان زينب کي مار ڪيان. زينب سج آهي ٻيون زالون ستارن وانگر آهن. جڏهن سج اڀرندو آهي ته تارا تالان ٿي ويندا آهن.

---

[1] الجامع لأخلاق الراوي وآداب السامع للخطيب البغدادي (2/283)

[2] أحكام القرآن لابن العربي (1/532) شذرات الذهب في أخبار من ذهب (1/321) تاريخ دمشق لابن عساكر (23/53) وفيات الأعيان (2/462) الوافي بالوفيات (16/83) مسالك الأبصار في ممالك الأمصار (5/601) الجليس الصالح الكافي والأنيس الناصح الشافي (ص: 569)

## معتبَر ۽ معتبِر

دنيا ۾ معتبَر گهڻا آهن پر معتبِر ٿورا آهن.

## ڀلو دوست

بلال بن سعد ﷛ چيو تہ:

أَخٌ لَكَ كُلَّمَا لَقِيَكَ أَخْبَرَكَ بِعَيْبٍ فِيكَ خَيْرٌ لَكَ مِنْ أَخٍ لَكَ كُلَّمَا لَقِيَكَ وَضَعَ فِي كَفِّكَ دِينَارًا.[1]

تنهنجو اهو دوست جيڪو جڏهن بہ تو سان ملي تہ تو کي تنهنجي عيب کان آگاهہ ڪندو رهي اهو دوست ڀلو آهي ان دوست کان جيڪو جڏهن بہ تو سان ملي تہ تنهنجي هٿ تي دينار رکي.

## ڪنهن چيو؟ ان کي نہ ڏس بلڪہ ڏس تہ ڇا چيائين؟

خليل چيو تہ:

اعْمَلْ بِعِلْمِي وَلا تَنْظُرْ إِلَى عَمَلِي. يَنْفَعْكَ عِلْمِي وَلا يَضْرُرْكَ تَقْصِيرِي.[2]

منهنجي علم جي ڳالهہ تي عمل ڪر منهنجي عمل کي نہ ڏس. منهنجو علم توکي نفعو ڏيندو منهنجي خطا تو کي نقصان نہ ڏيندي.

---

[1] المجالسة وجواهر العلم (4/270) عيون الأخبار (2/17) المتحابين في الله (ص: 75) الفوائد العوالي المؤرخة من الصحاح والغرائب لمحمد بن علي الصوري (ص: 162) الزهد والرقائق لابن المبارك والزهد لنعيم بن حماد (1/167)

[2] المجالسة وجواهر العلم (4/440) جامع بيان العلم وفضله (1/529) الإلماع إلى معرفة أصول الرواية وتقييد السماع (ص: 228) رسائل ابن حزم (3/180) المعارف (1/542) البصيرة في الدعوة إلى الله (ص: 135)

## زبان ۽ ڪنڊ

بعض حڪماء چيو آهي تہ: خيال ڪجو متان اوهان جي زبان اوهان جو ڪنڊ ڪپائي ڇڏي.

## حسن و جمال؟

كَفَى بِالْمَرْءِ عَيْبًا أَنْ تَرَاهُ... لَهُ وَجْهٌ وَلَيْسَ لَهُ لِسَانُ

وَمَا حُسْنُ الرِّجَالِ لَهَا بِزَيْنٍ... إِذَا لَمْ يُسْعِدِ الْحُسْنَ الْبَيَانُ.[1]

ماڻهو لاءِ اهو عيب ڪافي آهي جو چهرو تہ سهڻو اٿس پر گفتار سهڻي نہ اٿس، ظاهري حسن ڇا ڪبو جي بيان جو حسن نہ آهي.

## حال احوال

حضرت حاجي دلمراد لوڙهائي رحمۃ الله عليہ کان ڪنهن پڇيو ڪهڙا حال آهن؟ فرمايائين عالمِ ارواح ۾ گڏ هئاسين، عالمِ بطون ۾ جدا ٿياسين، عالم دنيا ۾ الله ملايو آهي، عالمِ آخرت جي تياري ۾ ويٺا آهيون، پيو سڀ خير.

## ٺهڪ ڏئي کلڻ

احنف بن قيس رحمۃالله عليه چيو تہ:

جيڪو ٺهڪ گهڻا ڏيندو ان جي هيبت هلي ويندي جيڪو گهڻي مذاق ڪندو ان مان مروت نڪري ويندي. گهڻو هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻ بہ ماڻهو جي هيبت ۽ وقار کي گهٽائي ٿو.

---

[1] المجالسة وجواهر العلم (6 / 340) أدب الدنيا والدين (ص: 275) عيون الأخبار (2 / 185) غرر الخصائص الواضحة (ص: 214) مجمع الحكم والأمثال في الشعر العربي (7/75)

## دوست کان ڊڄو

احۡذَرۡ عَدُوَّكَ مَرَّة ... واحۡذَرۡ صَدِيقَكَ أَلۡفَ مَرَّهۡ

فَلَرُبَّمَا اِنقَلَبَ الصَّدِيقُ ... عَدُوًّا وَكَان أَعۡلَمَ بِالۡمَضَرَّةۡ.[1]

دشمن کان هڪ ڀيرو حذر ڪجانءِ پر دوست کان هڪ هزار ڀيرا حذر ڪجانءِ. ڇو ته جي دوست ڦري دشمن ٿيو اهو نقصان پهچائڻ جي وڌيڪ ڄاڻ رکڻ وارو هوندو.

## سٺي پوک پوکيو

- ازرعْ جميلاً ولو في غيرِ موضعِه..فلا يضيعُ جميلٌ أينما زُرعا

- إن الجميلَ وإن طال الزمانُ به..فليس يحصدُه إلا الذي زَرعا[2]

سٺي پوک پوکيو ڀلي نامناسب جاءِ تي ڇو نه هجي، ڇو ته چڱي پوک جتي به پوکبي نقصان ڪو نه ڏيندي، چڱي پوک جو لاڀارو پوکڻ وارو ئي ڪندو آهي ڀلي ڪٺي ڪيڏو به وقت گذري وڃي.

## قناعت ۾ سلامتي آهي

ان خزانة السلامة في زاوية القناعة

سلامتي جو خزانو قناعت جي ڪنڊ ۾ رکيل هوندو آهي.

---

[1] اللباب في علوم الكتاب (17 / 484) بداية الهداية (ص: 69) بهجة المجالس وأنس المجالس (ص: 149) يتيمة الدهر (3/ 127) محاضرات الأدباء ومحاورات الشعراء والبلغاء(2/23)

[2] مجمع الحكم والأمثال في الشعر العربي (2/ 113 )نفح الأزهار في منتخبات الأشعار (ص: 60) مجاني الأدب في حدائق العرب(3/ 55) السحر الحلال في الحكم والأمثال(ص: 80) المنهاج الواضح للبلاغة(1/ 130)

## سهڻا سخن

* زنگي(ڪاري ماڻهو) ڪي اگر ست دريائن ۾ وهنجاريو تہ بہ ان جي ڪاراڻ اڇاڻ ۾ ڪو نہ بدلبي.
* ظالم جا پَـر پيچڻ تائين مظلوم جا ڦٽ ڪو نہ ڇٽندا.
* علم ۽ مال هر عيب کي لڪائي ڇڏن ٿا.
* جهل ۽ مسڪيني هر عيب اگهاڙو ڪري وجهن ٿا.
* چهرو ايستائين حَسين هوندو آهي جيستائين ان ۾ حياءُ هوندو آهي.
* جاهل جو جواب چُپ رهڻ آهي. ان کان منهن ڦيري هليو وڃڻ ان لاءِ چماٽ آهي.
* ادب فقير لاءِ مال آهي، غني لاءِ جمال آهي، حڪيم لاءِ ڪمال آهي.
* جڏهن ماڻهن مان وفا وينديي تہ بلا ايندي.
* علم روح آهي عمل بدن آهي. علم اصل آهي عمل فرع آهي.
* علم پيءُ آهي عمل پُٽ وانگر آهي.
* جنهن وٽ سخا ۽ حياءُ بئي آهن ان وٽ ڪائنچ ۽ قميص آهي.
* برا امير اهي آهن جيڪي عالمن ۽ فقيرن کان پري آهن.
* برا عالم ۽ فقير اهي آهن جيڪي دنيا خاطر اميرن جي قريب آهن.
* دنيا چار شين جو مجموعو آهي.

البناء والنساء والطلاء والغناء تعمير، زالون، دولت ۽ ڳائڻ.

## مروت ۽ ماڻهپو

مطلب ڇيو تہ مَروت جا ڏهہ حصا آهن نوَ حصا ماڻهو جي دسترخوان ۾ آهن باقي هڪ حصو پيين شين ۾ آهي.

يحيٰ چيو تہ ماڻھو جي مروت ڏسڻي اٿئي تہ ان جي دسترخوان کي ڏس. اگر سٺو آهي تہ سمجھہ شرف وارو آهي. اگر ان ۾ تقصير آهي تہ ان کان پوءِ ان ۾ ڀلائي کھڙي هوندي.

ابو منصور چيو تہ هدايت مروت جي عمارت آهي. اها رسول جي سنت آهي، بادشاهن جي عادت آهي، دلين جي راحت آهي. محبتن جي ڪُنجي آهي، لطفِ اڪبر ۽ اعظم نيڪي آهي.

## خوشبوءِ

خوشبوءِ مروت جي زبان آهي. محمد بن عبدالله العتبي چيو تہ خوشبوءِ ۾ چار خوبيون آهن: سنت آهي، مروت آهي، لذت ۽ قوت آهي.

مبرد ڪتاب ڪامل ۾ لکي ٿو تہ ٽن ماڻھن جي تعارف ڪان سوا ئي سمجھي وڃ اُهي شرف ۽ شان وارا آهن.

1. جنھن مان وڻندڙ خوشبوءِ سنگھين.
2. اُهو جنھن جي ڳالھائڻ عجم ۾ ٿي پر عربي سٺي ڳالهائي ٿو.
3. جيڪو گھوڙو سٺي طرح هلائي چاڙي ٿو.

## معاونت

جيڪو ڀين جي معاونت ڪري، الله ان جي معاونت ڪري ٿو. معاونت مرتبي جي ذريعي، مال ۽ بدن جي ذريعي ڪري سگھجي ٿي. نيڪي ۾ معاونت ڪرڻ واري کي مڪمل اجر ملي ٿو.

## هديا ۽ تحفا

هَدَايَا النَّاسِ بَعْضِهِمْ لِبَعْضٍ ... تُوَلِّدُ فِي قُلُوبِهِمُ الْوِصَالَا

وَتَزْرَعُ فِي الضَّمِيرِ هَوًى وَوُدًّا ... وَتُكْسِبُهُمْ إِذَا حَضَرُوا جَمَالَا[1]

ماڻهن جو هڪ ٻئي کي تحفا ڏيڻ دلين ۾ ويجهڙائپ پيدا ڪري ٿو اندر ۾ محبت ۽ چاهت پيدا ڪري ٿو ۽ ميل ملاقات جي سونهن وڌائي ٿو.

## دشمن مٿان الله جي مدد

جعفر بن محمد چيو تہ:

كَفَاكَ مِنَ اللَّهِ نَصْرًا أَنْ تَرَى عَدُوَّكَ يَعْصِي اللَّهَ فِيكَ.[2]

الله وٽان اها ئي تنهنجي لاءِ مدد ڪافي آهي جو تون ڏسين ٿو تہ تنهنجو دشمن تنهنجي باري ۾ الله جي بي فرماني ڪري رهيو آهي.

## خير ۽ شَر:

وَالْخَيْرُ وَالشَّرُّ مَقْرُونَانِ فِي قَرَنٍ ..وا لْخَيْرُ مُتَّبَعٌ وا لشَّرُّ مَحْذُورُ[3]

خير ۽ شر ٻئي هڪ رسي ۾ گڏ سلهاڙيل هجن ٿا خير جو اتباع ڪيو وڃي ٿو پر شر کان ڪنارو ڪيو وڃي ٿو.

---

[1] تفسير القرطبي (13/ 199) تفسير المراغي (19/ 138) مجمع الحكم والأمثال في الشعر العربي (10/ 467) غرر الخصائص الواضحة (ص: 567) مختصر تاريخ دمشق (8 / 178) إرشاد الأريب إلى معرفة الأديب (3 / 1141) تاريخ دمشق لابن عساكر (17 / 256) روضة العقلاء ونزهة الفضلاء (ص: 244)

[2] أدب الدنيا والدين (ص: 339)

[3] دلائل النبوة للبيهقي (1 / 129) شرف المصطفى (1 / 126) عيون الأثر (1 / 36) السيرة النبوية لابن كثير (1 / 218) سبل الهدى والرشاد في سيرة خير العباد (المقدمة /5) السيرة الحلبية (1 / 111) البداية والنهاية (2 /269) تاريخ دمشق لابن عساكر (72 / 221) لسان العرب (2 /484)

## مروت ۽ مال

ڏڪيو حال هوندو ان جو جنهن وٽ مروت هجي پر مال نہ هجي يا مال هجي پر مروت نہ هجي.

دائود طائي حجامت ڪرائي پوءِ حجام کي هڪ دينار سونو ڏنو ڪيس چيو ويو اهو اسراف آهي. فرمايائين: لا عبادة لمن لا مروة له

جنهن وٽ مروت ناهي ان جي عبادت ناهي.

## مال ۽ دين

سعد بن عباده ﷛ نماز کان فارغ ٿي دعا گهرندو هيو:

اللَّهُمَّ ارْزُقْنِي مَالًا أَسْتَعِينُ بِهِ عَلَى فِعَالِي، فَإِنَّهُ لَا يُصْلِحُ الْفِعَالَ إِلَّا الْمَالُ[1]

اي الله مون کي مال عطا ڪر جنهن سان مان دين جي ڪمن ۾ مدد وٺان ڇو تہ دين جا گهڻا ڪم بنا مال جي نہ ٿا ٿي سگهن.

رسول الله ﷺ فرمايو تہ: نعم العون على تقوى الله المال.[2]

الله کان ڊڄڻ (تقويٰ اختيار ڪرڻ) ۾ پهلو مددگار مال آهي.

قيس بن عاصم ﷛ پٽن کي چوندو هيو تہ وچي حلال مال گڏ ڪيو ڇو تہ اُهو نيڪي ۾ مددگار آهي، بد باطن ماڻهن کان بي پرواهہ ڪندڙ آهي.

---

[1] قرى الضيف لابن أبي الدنيا (ص: 29) : صفة الصفوة (1 / 192) حياة الحيوان الكبرى (1 / 275) مختصر تاريخ دمشق (9 / 241) إصلاح المال (ص: 35)

[2] مسند الشهاب القضاعي (2 / 260) كنز العمال (3 / 239) جامع الأحاديث (22 / 262) نعم العون على تقوى الله المال (ابن لال، والديلمى عن جابر. [القضاعى عن محمد بن المنكدر مرسلاً] ) حديث جابر: أخرجه الديلمى (4/256، رقم 6756) إحياء علوم الدين (4/ 104) محاضرات الأدباء ومحاورات الشعراء والبلغاء (1 /582)

سيدنا عمر بن خطاب ﷺ فرمايو تہ:

حَسَبُ الرَّجُلِ مَالُهُ وَكَرَمُهُ دِينُهُ وَمُرُوءَتُهُ خُلُقُهُ. [1]

ماڻهو جي پلي حيثيت ان جو مال آهي، ان جو ڪرم ان جو دين آهي. ان جي مروت پلا اخلاق آهن.

سفيان ثوري رحمة الله عليه چيو تہ هن دؤر ۾ مال ماڻهو لاءِ صلاح ۽ فلاح آهي.

سيدنا عبدالرحمن بن عوف ﷺ چيو تہ:

يا حبذا المال أصون به عِرضي وأتقرب به إلى ربي. [2]

وهہ واه مال جنهن سان مان پنهنجي عزت ۽ مانَ جي حفاظت ڪيان ٿو ۽ پنهنجي پالڻهار جو قرب حاصل ڪيان ٿو.

ڪن چيو تہ: شاهوڪاري ان لاءِ حسب آهي جنهن جو ڪو حسب نہ آهي.

ڪنهن جو شعر آهي تہ:

وأول ما يجفو الفقير لفقره ... بنوه ولم يرضوه في فقره أبا

كأنّ فقير القوم في الناس مذنب ... وإن لم يكن من قبل ذلك أذنبا[3]

۽ محتاج ماڻهو سان پهرين جفا ڪندڙ سندس پٽ هوندا آهن، جو سڄائي جي ڪري هن جي پيءُ هجڻ تي راضي ۽ خوش نہ هوندا آهن. قوم جو محتاج ماڻهو

---

[1] شرح السنة للبغوي (13 / 125) :صيد الأفكار في الأدب والأخلاق والحكم والأمثال (1 / 324)المروءة (ص: 37)كنز العمال (3/789)

[2] الآداب النافعة بالألفاظ المختارة الجامعة (ص: 4. بترقيم الشاملة آليا) العقد الفريد (2/344)

[3] غرر الخصائص الواضحة(ص: 394)

چٽڪ بنا گناهہ ڪرڻ جي بہ گناهگار آهي.

ڪنهن چيو تہ : پئسن جي گهٽتائي انسان کي رُسوا ڪري ٿي. پيلي اهو سٺي حسب وارو هجي پر ان جو حسب ان کي نفعو نہ ٿو ڏئي.

حڪيمن جو قول آهي تہ :

المال يستر القبايح والفقر يحجب المحاسن الا من رفض الدنيا اختيارا او ترڪها تهاونا لها واستصغارا

مال ماڻهو جون برايون لڪائي ڇڏي ٿو ۽ محتاجي ماڻهو جي خوبين کي بہ لڪائي ڇڏي ٿي. سواءِ ان جي جنهن هاسيڪار دنيا کي ڇڏي ڏنو يا تہ ان دنيا کي ذليل ۽ گهٽيا سمجهي خود ترڪ ڪيو.

## حريص ماڻهو

دنيا جي حرص وارو ڪونہ ڀَربو پيلي قارون جو خزانو ملي وڃيس.

## بيٺي ڪي بَناءُ

بيٺي ڪي بناءُ آهي. چڙهيئي جو سيڪو ڪِريل جو ڪوڪو
پيلو مال اُهو آهي جنهن سان حق ادا ڪيا وڃن.

## چريا ۽ سياڻا

جُحا کي چيائون ٻڌاءِ هن شهر ۾ چريا گهڻا آهن؟ چيائين اِها ڳالهہ ڏکي آهي. لسٽ ڊگهي آهي. باقي چؤ تہ آساني سان ٻڌايان تہ سياڻا گهڻا آهن.

## آخري خواهش جو انتظار

حُجا کي ڪورٽ موت جي سزا ڏني. جج چيو ڪا آخري خواهش هجي تہ ٻڌاءِ. چيائين ڇاهين ڪائڻ ٿو چاهيان. چيائون هي ڇا هين جي موسم ئي ناهي. چيائين مان موسم جو انتظار ڪندس تڪڙ مون کي ڪا بہ ڪونهي.

(جُحا عرب جو مشهور مستانو هيو جيئن سنڌ ۾ وتايو فقير مشهور آهي)

## سج يا چنڊ

حُجا کان پڇيائون سج جو فائدو گهڻو يا چنڊ جو؟ چيائين سج ڏينهن جو اڀري ٿو ان جو رات جو ڪو فائدو ئي ڪونهي. چنڊ رات جو چمڪي ٿو رات کي روشن ڪري ڇڏي ٿو ان ڪري سج کان چنڊ جو فائدو گهڻو آهي.

## ڌڌڪار جو آواز

هڪ ڏينهن جُحا جي گهر مان ڌوڙيو ٿيو. ماڻهن پڇيس جُحا هي ڌڌڪار ڇا جو هيو؟ چيائين منهنجي قميص مٿان ڪِري پئي هئي. چيائون پوءِ ڌوڙيو ڇا جو؟ چيائين او احمق قميص مون کي جو پاتل هئي. قميص ڪِري تہ ضرور مان بہ تہ ڪِريو هوندس نہ.

## ڪنڊو ۽ جُتي

هڪ ڏينهن حُجا پيرين اگهاڙو پئي ويو. پير ۾ ڪنڊو لڳي پيس. گهر آيو اچي ڪڍيائين. چوڻ لڳو الحمدلله. زال چيس ڇاتي ٿو شڪر ڪرين؟ چيائين شڪر جو جُتي پاتل نہ هيم نہ تہ جُتي کي ڪنڊو ڦاڙي وجهي ها.

## سچا سخن

- ڪوڙ بيماري آهي، سچ شفا آهي.
- راز امانت آهي، راز رت وانگيان آهي.

✽ پنهنجو راز لڪايو توڙي زال هجي يا گهاتو يار هجي ان ڪان.

✽ زنا برو فعل، بُري واٽ، قبيح ۽ شنيع عمل آهي ان جي دنيا ۾ سزا آخرت ۾ عذاب آهي.

## عربي مثال

✽ ڪاد الحريص ان يڪون عبدا

✽ و ڪاد الفقر ان يڪون ڪفرا

✽ و ڪاد البخيل يڪون ڪلباً

✽ بخيل وٽ حاجت ڪڻي وڃڻ وڏو موت آهي.

## زنا ڪان بچو

زنا بي حيائي آهي. ان ڪان بچڻ واري جي جاءِ جنت آهي. ان ڪان بچڻ جا رستا هي آهن: 1. عفت ۽ عصمت 2. شادي 3. روزا رکڻ 4. آخرت جو خوف 5. قوتِ ايمان 6. اخلاص لله 7. تقويٰ 8. مراقبو 9. نفساني خواهشات جي مخالفت ڪرڻ 10. عبادت جو شغف 11. پنج وقت نماز تي پائبندي 12. الله ڪان پناهه طلب ڪرڻ 13. ماڻهن اڳيان زاني کي شرعي سزا ڏيڻ 14. فتني وارين جاين ڪان بچڻ 15. پراون گهرن ۾ نہ وڃڻ 16. مردن کي پنهنجي زالن ڪان گهڻو دُور نہ گذارڻ 17. پنهنجي عزت جو خيال ڪرڻ 18. ٻين جي عزت جو خيال رکڻ تہ انهن کي بہ پنهنجي عزت ائين پياري هوندي. 19. صبر

## عيب چيني

ڪنهن جا عيب ڳولڻ نفرتن جو ٻج آهي. ڪنهن سان مروت سان پيش اچڻ اڌ عقل آهي. جنهن ۾ مِهر ۽ مروت نہ آهي ان جا دوست گهٽجي ويندا. جيڪو ٻين جي عزت نہ ڪندو خود بہ عزت حاصل ڪري نہ سگهندو. دوستن جي عزت ڪرڻ وارو انهن جي دل ۾ جاءِ ٺاهي ٿو.

جيڪو ٻين جي عيب ڏيني بند ڪندو تہ ان جي عيب چيني ۽ نقطہ چيني گهٽجي ويندي. ان جا عيب ضرور ڏڪيو جيڪو اوهان جي عيبن ڪان آگاهہ آهي.

## سڀ ڪان وڏي سعادت

إنّ السّعادَةَ كلَّ السّعادَةِ طولُ العُمُرِ فِي طاعَةِ اللّٰهِ عز وجل.[1]

سڀ ڪان وڏي سعادت الله جي اطاعت ۾ ڊگهي عمر گذارڻ آهي.

## گرمين جا روزا

حضرت معاذ رضي الله عنه موت مهل روئي پيو پڇيائون ڇو ٿا روئو؟ فرمايائين گرمين ۾ روزن واري اڃ جو مزو، سردين جي ڊگهين راتين ۾ قيام ۽ ذڪر جي حلقن ۾ علماء سان گوڏو گوڏي ۾ ملائي ويهڻ ڪي ياد ڪري.[2]

---

[1] فيض القدير (2 / 345) مسند الشهاب القضاعي (1 / 206) التيسير بشرح الجامع الصغير (2 / 70) البيان والتعريف في أسباب ورود الحديث الشريف (2 / 74) كنز العمال (15 / 666) الجامع الصغير وزيادته (ص: 3390) جامع الأحاديث (7 / 318)

[2] لطائف المعارف : ص 259

## عتبة الغلام جي توبہ

پاڻ هنن ٻن شعرن کي ٻڌي توبہ تائب ٿيو هيو.

ايا شابا لرب العرش عاصي، اتدري ماجزاء ذوى المعاصي

سعير للعصاة لها زفير، وغيض يوم يؤخذ بالنواصي

اچھا ہو دل کے دام جو دل ہی سے پوچھ لو

میری زباں رہے، نہ تمہاری زباں رہے.

## وقت جو قدر:

وقت وڏي نعت آهي. وقت تيز رفتاري سان هلندڙ آهي. وقت ڪنهن جو انتظار ڪونہ ڪندو آهي. هر ساهہ پساهہ جوهر آهي. حضرت امام غزالي فرمايو آهي تہ : تنهنجي عمر جا وقت تنهنجي موڙي آهن جنهن تي تنهنجي تجارت جو دارومدار آهي. ان جي ذريعي تون هميشہ جون نعمتون حاصل ڪري سگهين ٿو. هر پساهہ جوهر آهي جيڪو هٿن مان هليو ويو تہ وري ڪڏهن هٿ ڪو نہ ايندو.[1]

## وقت ڪائنات جو تانؤ آهي

**عبادتن ۾**: وقت جي وڏي اهميت آهي.

- نماز جا پنج وقت مقرر آهن انهن ڪان سواءِ نماز نہ ٿيندي.
- حج لاءِ وقت ڏينهن راتيون مقرر آهن.
- زڪواة جو وقت مقرر آهي.

---

[1] بداية الهداية: ص120

❋ روزن جو مهينو مقرر آهي، روزور کڻ کولڻ جا وقت مقرر آهن.
❋ عيدن جو، فطري جو، اضحيٰ، موزن جي مسح جو وقت مقرر آهي.
❋ عورتن لاءِ حيض، نفاس، عدت، رجعت وغيره لاءِ وقت مقرر آهن.
❋ مهمان نوازي جا ٽي ڏينهن شريعت ۾ مقرر آهن.
❋ عقيقي جو وقت مقرر آهي.
❋ سفر جو وقت مقرر آهي جنهن ۾ نمازون قصر ڪجن.
❋ قرض، گروي وغيره جهڙن معاملات ۾ وقت اهم شيءِ آهي.

**سياست ۾** : وقت اهم هوندو آهي. ڪامياب سياستدان مناسب وقت جي تاڙ ۾ هوندو آهي. اگر موقعي مهل سان سياست نہ ڪيائين تہ اهو ناڪام ٿي ويندو.

**واپار ۾** : وقت اهم آهي. ڪهڙي وقت ڪهڙي وکر جي کپت ٿيندي. ڪهڙي وقت ۾ مال ڪٿان گهرائبو. جنهن واپاري وٽ وقت جو قدر ڪونهي اهو ڪڏهن بہ تجارت ۾ ڪاميابي ڪونہ ماڻيندو.

**زراعت ۾** : ڪهڙي فصل لاءِ ڪهڙي موسم مناسب آهي؟ ڪهڙي وقت ۾ ڪهڙو ٻج ڇٽبو؟ ڪهڙي وقت ۾ ڪهڙو فصل وڏيڪ منافع بخش ٿيندو. فصل کي پاڻي، ياڻ، هر ڪيڙي ڪهڙي وقت ۾ ڪجي.

**فوج ۾** : ڪهڙي وقت ڪهڙي مشق ڪجي؟ دشمن مٿان حملو ڪٿان ۽ ڪهڙي وقت ڪجي؟ جنهن فوج وٽ وقت جي سڃاڻ هوندي آهي اها فوج فاتح بنبي آهي. جنهن لشڪر وقت نہ سڃاتو تہ شڪست ۽ ناڪامي ان جو مقدر بنجي ويندي.

**صنعت ۾** : ڪهڙي وقت ۾ ڪهڙي شيءِ ٺاهجي؟ ڪيتري مقدار ۽ معيار سان ٺاهجي. وقت جو قدر شناس صنعتڪار ڪاميابي ماڻيندو آهي.

**علم ۾** : جيڪو طالب العلم يا عالم وقت جو قدر ڪندو آهي اهو منزلون ماڻيندو آهي.

**تصوف ۾** : تصوف جو سارو معاملو وقت جي قدر شناسي سان آهي. ذڪر، فڪر، مراقبو، خلوت، جَلوت، رياضت، شب خيزي، آه سحر گاهي وغيره انڪري ڪي صوفي "ابن الوقت" ۽ ڪي "ابوالوقت" سڏبا آهن.

**مينهن** بہ وقت تي وسن تہ نفعو ڏين ٿا. بي مندائتا مينهن بجاءِ رحمت جي زحمت بنجي پوندا آهن. الله ڪريم انبياء بہ ان وقت موڪليا هئا جڏهن زمين وارن کي انهن جي ضرورت هئي.

## وقت جون حالتون

جڏهانڪر خالق وقت کي پيدا ڪيو آهي، ان وقت کان هن وقت تائين ۽ مستقبل ۾ هميشہ تائين زمانو هليو، هلي رهيو آهي هلندو رهندو ان ساري وقت کي زمانو سڏجي ٿو. باقي ان جي گذارڻ جا ماڻهن وٽ مختلف الفاظ آهن. مثلاً: دؤر، وقت، موسم، مند، اُهي ڏينهن، اِهي وقت.

**مندون** : سيارو، اونهارو، بهار سرءُ. **موسم**: چوندا آهن پيرو پچڻ جي موسم آهي، انبن جي موسم، گرمين جي موسم. سردين جي موسم. سر نسرڻ جي موسم. **دؤر** : فلاڻي بادشاهہ جو دؤر، خوشحالي جو دؤر، قحط سالي جو دؤر، زندگي جو دؤر. **زمانو** : زندگي جي عمر آهي. انسان جي وجود جو ميدان آهي. رهڻ جيئڻ جو ايوان آهي.

**عمر**: عمر اجائي وڃائڻ، عمر گنوائڻ، عمر وڃائي ڇڏڻ، اجائي عمر گذاري ڇڏيئي، وهي وئي وهي، عمر برباد ڪري ڇڏيئي، عمر افراد وڃائي ڇڏيئي، اوعمر جا دشمن، آسودي عمر، عمر آرامن ۾ وڃائي ڇڏيئي. وغيره

## عمر جو ارمان

ڪيڏو بيوقوف آهي اهو جيڪو مال ميڙڻ ۾ خوش آهي پر ان جي عمر ڪٽي رهي آهي پر ان تي ارمان نہ اٿس. ان مال جي گهٽائي ۾ ڪهڙو فائدو جنهن ۾ عمر جو نقصان هجي. خوشي ڪجي علم ۽ عمل جي زيادتي تي جيڪي قبر ۾ بہ ڪتي هوندا.

## وقت تلوار وانگر آهي

امام شافعي رحمہ اللہ عليہ فرمايو تہ: مان صوفين سان گڏ رهيس انهن جي ٻن ڳالهين مون کي ڏاڍو نفعو ڏنو چوندا هئا: وقت هڪ تلوار آهي تون ان کي نہ ڪٽيندين تہ اهو توکي ڪٽي ڇڏيندو ۽ تنهنجو نفس اگر ان کي حق ۾ مشغول نہ ڪندين تہ اهو توکي باطل ۾ مشغول ڪري ڇڏيندو

## صحت ۽ فراغت

اِهي ٻئي عظيم نعمتون آهن. ڪڏهن ائين ٿيندو آهي جو ماڻهو وٽ مال گهڻو هوندو آهي پر صحت نہ هوندي آهي تہ ان مان نفعو وٺي نہ سگهندو آهي. ڪڏهن وري ماڻهو وٽ صحت تہ هوندي آهي پر پاڻ ڪنگال هوندو آهي. محتاجي ۾ ڪجهہ ڪري نہ سگهندو آهي پر اگر ماڻهو وٽ صحت بہ هجي ۽ مال مايا بہ موجود هجي تہ دنيا ۾ الله جي عنايت مڪمل ٿي ويندي آهي پوءِ ان وقت ڪن ماڻهن مٿان غفلت سوار ٿيندي آهي، ڪن مٿان شيطان، ڪن تي نفس جو غلبو

پوءِ اهڙا ڪم ڪندا آهن جن مان الله ناراض ٿي پوي پر جيڪو انهن ٻنهين نعمتن جو قدر ڪري صحت ۽ مال کي الله جي اطاعت ۾ استعمال ڪري تہ اهو ڪامياب ۽ ڪامران ٿيندو آهي.

## عمر جو بدل ٿي ڪو نهي

عارف بن عطاء الله اسڪندري رحمة الله عليه پنهنجي حڪمتن واري ڪتاب ۾ فرمايو: جا تنهنجي عمر گذري وئي ان جو ڪو مَٽُ ناهي جيڪي ڪجهہ ان مان حاصل ڪيئي ان جو ڪو مُلهہ ڪونهي.

## مصريءَ جون ترڙون

- سڀ کان وڏي ڪرامت دين تي استقامت آهي.
- جاهلن جي سنگت کان عزلت افضل آهي.
- ادب ۽ ايمان گڏ رهندا آهن.
- علم بنا عمل جي ائين آهي جيئن وڻ بنا ميوي جي.
- معاملات ۾ فهم جي ائين ضرورت آهي جيئن اجاري کي پاڻي جي.
- مرشد کان فيض اهو حاصل ڪندو جنهن ۾ مروت ۽ محبت هوندي.
- موَدت شڪستہ دلين کي جوڙيندي آهي.
- اگر اخلاق سهڻا نہ هجن تہ حسن ۽ جمال کي ڏوئي تہ نہ پيئبو.
- احسان ڌارين کي دوست بنائيندو آهي.
- غني اهو آهي جنهن جي دل غني هجي.
- سهڻو ڪلام دلين ۾ محبت پيدا ڪري ٿو.
- پنهنجا عيب ڏسندڙ کي ذهني سڪون ڪڏهن ڪو نہ هوندو.

❋ بغاوت ڪندڙ ۽ بهتان هڻندڙ هميشہ خوار رهندو.
❋ رحم ۽ ڪرم، عفو ودرگذر مؤمن جا نشان آهن.
❋ حق جي حمايت ڪرڻ وارو الله جو مهمان آهي.
❋ سخاوت وارو ڪڏهن تنگي ڪو نہ ڏسندو.
❋ عاقل جي نگاهہ پچاڙي مٿان هوندي آهي.
❋ نيڪن سان تعاون ڪرڻ وارو انهن جي اجر ۾ برابر جو شريڪ آهي
❋ حياء ايمان جو جزو آهي.
❋ مسخري ڪندڙ جي منهن ۾ رونق نہ هوندي.
❋ طمع وارو هردم پريشان رهندو.
❋ اولاد جي تربيت ابي امان مٿان فرض آهي.
❋ فخر وارو فيض ڪان خالي رهندو آهي.
❋ مال ۽ مايا ڪنهن سان قبر ۾ ڪو نہ هلندي آهي.
❋ سٺو ڪتاب لکڻ بہ جهاد آهي.
❋ جنهن ڪي حق ۽ ناحق جي سڃاڻ نہ آهي اهو فيصلي ڪرڻ جو حقدار نہ آهي.
❋ روح رب جو راز آهي، جسم جي موت بعد بہ نہ مرندو آهي.
❋ حياتي ۽ مماتي الله جي هٿ وس آهي.
❋ اتحاد ۾ برڪت ۽ افتراق ۾ نحوست آهي.
❋ رشوت وٺڻ واري جي گهر ۾ برڪت نہ هوندي.
❋ مشورو وٺڻ وارو ڪڏهن پريشاني ڪو نہ ڏسندو.
❋ حاضر جوابي ڏاتر جي ڏات آهي.

- ❋ ڪاملن جو ڪلام هيرن جو هار هوندو آهي.
- ❋ ايماندار آدمي ماڻڪ موتي لال مثل هوندا آهن.
- ❋ عارفن جي ستن ۾ سُرهاڻ هوندي آهي.
- ❋ ڪاملن جا قول ڪوڙا ڪو نہ ٿيندا آهن.
- ❋ عارفاڻا اسرار هرڪو سمجهي ڪو نہ سگهندو آهي.

## المراجع

كلمات من نور. لشيخ ثاني المنصور. مكتبة الرياض الحديثة الرياض
نوادر ظرفاء العرب. محمد فتحي عيسىٰ حماد دار الحضارة للنشرو التوزيع الرياض
كتاب الامثال. الامام الحافظ ابي عبيد بن سلام . مركز البحث العلمي مكة